# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVII مجريہ 2015

# SINDHACT NO.XXVII OF 2015

# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 2015

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 15 جي ترميم 2013

Amendment of section 15 of Sindh Act No.XLII of 2013

3.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي شيڊول_I جي ترميم 2013

Amendment of Schedule_I of Sindh Act No.XLII of 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVII مجريه 2015

# SINDHACT NO.XXVII OF 2015

# سنڌ مقامي حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 2015

[20 مئي 2015]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مقامي حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مقامي حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ مقامي حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2015 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

2013 جي سنڌ

2. سنڌ مقامي حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾، جنهن کي هن

ڪانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 15 جي شق (b) جي ذيلي شق (ii) ۾، ان هيٺان ايندڙ شرطيه بيان کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2013 (2013 جي ايڪٽ نمبر LII) ذريعي ختم ڪيو ويو هيو، ان کي بحال ڪيو ويندو، ايئن ڄڻ اهو ڪڏهن ختم ئي نه ڪيو ويو هيو.

ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Act No.XLII of 2013

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي شيڊول_I، جي حصي_B ۾، عنوان "ٽائون ڪميٽيز" هيٺيان، شرطيه بيان کي هيٺين ريت تبديل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ اهو ته ٽائون ڪميٽيز، ميونسپل ڪميٽيز ۽ ميونسپل ڪارپوريشنز جيڪي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ موجود هيون، يا ان کانپوءِ ڄاڻايون ويون، اهي انهن جي آبادي کي نظر ۾ رکندي موجود رهنديون."

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي شيڊول_I جي ترميم
Amendment of Schedule_I of Sindh Act No.XLII of 2013

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**